ڊاڪٽر ريحانہ نذير

# پشپا ولڀ جي نثري نظمن جو مختصر جائزو

***Abstract:***

**Analyses of Prose Poems of Pushpa Vallabh**

*Prose poetry is not a new genre, but its traces can be found in various religious and spiritual texts written in poetic prose. As a distinct genre, it started in Europe in the 18th century and reached the Indian subcontinent. In Sindhi literature, it began to be written in the 20th century, and many poets adopted it as the subject of their works. Pushpa Vallabh is one of those poets. She has three books of prose poems, which represent different elements of prose poetry in their themes. In my thesis, I have conducted a research and critical analysis of her prose poems.*

**شاعري** انسان جي لطيف جذبن ۽ احساسن جي اها تند آهي، جنهن کي ڇورڻ سان سڄو وجود وجد ۾ اچي ويجي ٿو. ڇوندا آهن تہ شاعري الهام جيان نازل ٿيندي آهي، جيڪا زمان ۽ مڪان جي حدبندين کان آزاد پنهنجي هڪ جدا طلسماتي دنيا جوڙي ٿي، مولانا غلام محمد گراميءَ جي لفظن موجب: ”شاعري انسان جي لطيف ۽ باريڪ جذباتي تندن ۽ تارن ڇيڙڻ ۾ جادوءَ جهڙا اثر پيدا ڪري ٿي.“[(١)]

شاعري ڪڏهن وجود ورتو، اهو بحث پراڻو آهي، ان جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ موضوع جي طوالت جو سبب ٿيندو، ان ڪري اختصار کان ڪم وٺندي، شاعريءَ جي جديد صنفن طرف قلم جو رخ موڙجي تہ بهتر ٿيندو. ويهين صديءَ ۾ ادب جي ميدان تي شاعري توڙي نثر جون ڪيتريون ئي نيون صنفون متعارف ٿيون، جن نہ صرف شاعرن کي ڏات ۽ ڏانوَ جا نوان گس ڏيکاريا، پر انهن کي بيان ڪرڻ لاءِ وسيع موضوع پڻ ڏنا، انهيءَ تناظر ۾ جديد شاعريءَ جون صنفون آزاد نظم ۽ نثري نظم لکيا ويا، جن جي مخالفت بہ گهڻي ڪئي وئي ۽ جن تي تنقيد بہ گهڻي ڪئي ويئي، ايستائين جو ڪن شاعرن تہ ان کي شاعري مڃڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو، پر هِن وقت نثري نظم نہ صرف گهڻو لکيو پيو وڃي، پر ڏينهون ڏينهن ان کي پڙهڻ وارن جو تعداد بہ وڌندو پيو وڃي.

نثري نظم جي تاريخ جا پيرا کڻبا تہ خبر پوندي تہ، ان جي تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي، جيتري انساني شعور جي تاريخ پراڻي آهي. قبل مسيح جا لکيل ويد ان جو شاعراڻو نثر، ان جا ابتدائي نمونا چئي سگهجن ٿا. ان کان علاوه اسان جا مذهبي ۽ ڌرمي ڪتاب پڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهن. بقول گرامي صاحب جي تہ:

”شعر و شاعريءَ جي فن ۽ ان جي وصف، تقدس ۽ عظمت لاءِ اهو ئي ڇوڻ ڪافي آهي تہ مذهبي ۽ مقدس ڪتابن جو وڏو حصو شاعريءَ تي مشتمل آهي. انجيل، سام ويد ۽ گيتا شاعري آهي.“[(٢)]

جديد ادب جي پيرائي ۾ هڪ صنف طور نثري نظم جي شروعات ٻہ صديون اڳ يورپ، آمريڪا کان ٿيندي نظر اچي ٿي، ايستائين جو عربي، فارسي، چيني ۽ ترڪيءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ نثري نظم جا ڪيترائي مثال موجود آهن. فرانس مان بودليئر نثري نظم جو بنيادي شاعر ليکيو وڃي ٿو. مشهور افسانہ نگار ايڊ گر ايلن پو، ٽالسٽاءِ ۽ وڪٽر هيوگو جن جي وڏي سڃاڻپ افسانوي ادب آهي، تن جا پڻ نثري نظم شاعريءَ جي ڪينواس تي جرڪي رهيا آهن. برصغير تي نظر وجهبي تہ، نثري نظم جا اولڙا ٽئگور جي نوبل انعام يافتہ مشهور ڪتاب گيتانجليءَ ۾ پڻ موجود ملن ٿا. اردو ادب ۾ ان جي باقاعده شروعات ترقي پسند ادب جي روح روان سجاد ظهير ڪئي، جنهن جي نثري شاعريءَ جو ڪتاب ’پگهلا نيلم‘ شايع ٿيو. ان کان علاوه قمر جليل، عبدالحليم شرر، ن. م. راشد، ميراجي پڻ نثري نظم لکيا آهن. ان کان علاوه اصغر نديم سيد ۽ عورت شاعرائن ۾ عذرا عباس جي تہ شهرت ئي نثري نظم جي حوالي سان ٿئي ٿي، گڏوگڏ سارا شگفتہ، ڪشور ناهيد، زهرا نگاهہ، ثروت زهره، تنوير

انجمر ۽ فهميده رياض (جيڪا شروع ۾ ان جي مخالفن ۾ شامل هئي ) جا طويل نثري نظمر ملن ٿا. سنڌي شاعريءَ ۾ عبدالرزاق راز، نعيم دريشائي، شيخ اياز ۽ هري دلگير، ايمر ڪمل، ڪرشن ڪتواڻي، هريش واسواڻي، شيامر جئسنگهاڻيءَ سان گڏ اياز گل، ادل سومرو، مصطفيٰ ارباب، حسن درس، مصطفي نانگراج، وسيمر سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي نثري نظم جا شاعر موجود آهن. عورت شاعرائن ۾ نورالهدا شاهه، عطيه دائود، امر سندو، پشپا ولڀ، شبنمر گل، شبنمر موتي، ارمر محبوب ۽ ٻيون شاعرائون نثري نظمر لکندي ملن ٿيون.

نثري نظم جي ان مختصر تاريخ کان پوءِ مان پنهنجي اڄ جي موضوع پشپا ولڀ جي نثري نظمن جي چند ٻڌ طرف واپس مڙان ٿي. پشپا ولڀ جو جنمر سنڌ جي ثقافت جي وڏي سجاڳ رکندڙ شهر مِٺيءَ ۾، سنڌي ادب جي نامور اديب، مترجم، ايڊيٽر ولي رامر ولڀ جي گهر ۾ ٿيو، اهو گهر جيڪو بقول پشپا جي ته، 'سڄو ڪتابن سان پريل هوندو هو، جن کي پڙهندي پڙهندي هن ۾ پڻ لکڻ جو اتساهه پيدا ٿيو.' پشپا لکڻ جي شروعات ڪهاڻين سان ڪئي، پر جلد ئي هن نثري نظمر طرف پنهنجو رخ موڙيو. سندس نثري نظمن جو جائزو وٺبو ته، اهي سنڌ سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين، زندگيءَ جي تلخ سچاين، رسمن ۽ رواجن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿل سماج، خاص طور تي عورت جي نفيس جذبن ۽ احساسن جي تصوير بيان ڪرڻ سان گڏ ان تي سماج ۾ ٿيندڙ ناانصافين تي ٻڌل ملن ٿا، جن بابت سندس چوڻ آهي ته، ”منهنجا موضوع جذبا، موحولياتي تبديلي، سماجي نابرابري، عالمي لڏپلاڻ ۽ ان جي ڪري پيدا ٿيندڙ مونجهارا آهن ۽ اهي شيون مون کي لوڏي ڇڏينديون آهن.“[٣]

پشپا جي نثري نظمن جي خاص خوبي اها به آهي ته اهي زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کي ڏاڍي حساسيت سان بيان ڪن ٿا. سندس اسلوب ۽ اظهار جو انداز پڻ نرالو ۽ منفرد آهي. مثال:

”زندگي نئين ورتل بوٽ وانگي
هر پل چڪ پائيندي رهي ٿي
چيندي رهي ٿي.“[۴]

امداد حسيني سندس نظمن لاءِ لکيو آهي ته ”پشپا جي شاعريءَ جو بنيادي موضوع زندگي، انسان ۽ محبت آهي. ۽ اهو ڪو نئون موضوع ناهي، بلڪ ايترو ئي پراڻو آهي، جيترو خود زندگي. پشپا ان کي نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“[۵]

پر جتي محبت هوندي آهي، اتي بيوفائي پڻ آس پاس ئي رهندي آهي، پشپا جي نظمن ۾ پڻ محبت ۽ بيوفائيءَ جو سنگمر ملي ٿو. مثال:

”تنهنجي بدران مان ڪنهن پٿر جي مورت کي چاهيان ها،
هر ساهه جي اچ وڃ سان
هن جي نالي جي تسبيح پڙهان ها
گيڙو ڪپڙا پائي،
پنهنجو پاڻ وساري
شهر جي جهنگ ۾ پنهنجو پاڻ تياڳيان ها
ته اها پٿر جي مورتي ساهه ڪٽڻ لڳي ها
مون کي شهه رڳ کان قريب اچي چوي ها
مان هتي آهيان

تنهنجي بلڪل قريب آهيان.“(٦)

پشپا جي نظمن جي هڪ ٻي سجاڳ سندس انوکيون ۽ اڇوتيون تشبيهون بہ آهن. مثال
”زندگيءَ جي ڊالر جي ڪِرندڙ قيمت
اگهہ پاڙ ۾ مشغول زندگي.“
يا
”تنهنجي ياد منهنجي اک جو
ڪَڪُ بنجي
هر ويل
منهنجي من ۾
ڪٽڪندي رهي هي.“(٧)

يا هي نظم تہ:
”منهنجي لاءِ تنهنجو نانءُ
ٽاڪ منجهند ۾
ٻڙ جي ڇانوءَ.“(٨)

ٻيو هي تہ:
”اکين جون ماڪيون
ائين ڏنڌلائجي ويون آهن
جئين گرم پاڻيءَ مان
اُٿندڙ ٻاڦ سبب
باٿ روم جو آئينو.“(٩)

پشپا جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي ڪَڙاڻ ۽ ڪَساڻ جون تلخ سچايون پڻ موجود آهن. مثال هوءَ لکي ٿي تہ:
”ڪوئي نانگ نِڪري
۽ غربت کي ڪَکي
ڪوئي ڀُٽُون (وِڇون) اچي
۽ بيماريءَ کي ڏَنگي.“(١٠)

يا سندس هي سٽون تہ:
”جيون کي ٻوريءَ ۾ بند ڪيواٿم

ڪيڏو نہ بازيگر آهيان
ان ڳري ٻوريءَ ڪي وري
ڪُلهن تي ڪٽي ڊوڙندو پيو وڃان
مان ڏاڍو رانديگر آهيان.“[11]

مان اياز گل جي ان راءِ سان بلڪل سهمت آهيان تہ ”پشپا جا نظم سماجي حقيقتن سان ٿمٽار نظر اچن ٿا.“[12]

سندس هي نظم ڏسو، جنهن ۾ هوءَ ٿر ۾ ٿيندڙ هڪ ٻار جي خودڪشيءَ جو سبب بيان ڪري ٿي، جنهن ماءُ کان سو رپيا ڪتابن وٺڻ لاءِ گهريا هئا، جيڪي نہ ملڻ تي هُن پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو!

”زندگي سؤ روپين کان بہ سستي آهي
هرهنڌ ملي ٿي
پٽ ۾ پيل ملي ٿي
ڏوڙ ۾ مليل ملي ٿي
واريءَ ۾ ڏٽيل ملي ٿي
ڪڏهن وڻ ۾ ٽنگيل ملي ٿي.“[13]

نثري نظمن بابت سارا شگفتہ جو چيل هي جملو، مون کي دل سان لڳي ٿو تہ ”بورچي خاني کان آسمان تائين پکڙيل هر موضوع کي نثري نظم شاعريءَ لاءِ اهميت ڀريو بنائي ڇڏيو آهي.“[14]

پشپا جي شاعريءَ جا موضوع پڻ وسيع آهن، جيڪي سندس گهري مطالعي ۽ مشاهدي جي شاهدي پيش ڪن ٿا. عورت هئڻ جي ناتي هوءَ انهيءَ درد کي وڌيڪ محسوس ڪري ٿي. ’ڪارو ڪاريءَ‘ تي سندس لکيل هي نظم انهن سيني عورتن جي مائن جي درد ڀري دانهن ڏئي ٿو، جن جي بيگناهہ نياڻين کي قبر ۾ بي ڪفنو دفنايو ويو، ان ماءُ جو پٽ کي ڏنل هي پاراتو هر حساس دل جهوري وجهي ٿو تہ

”تنهنجي پهرين قدم کڻڻ تي
منهنجي دل خوشيءَ ۾ جهومي اٿي هئي
تنهنجي آخري قدم تي منهنجي دل شرمسار آهي
ڪنهن سان اک ملائڻ جي طاقت ناهي مون ۾
هڪ دل چوي ٿي تہ
توکي ماري
رت ۾ ٻاڙهي کهاڙي کڻي
بيان ڏيان تہ
هي بہ ڪارو هيو
هن جو رت بہ ڪارو هيو
جو هي پنهنجي رشتي کي سڃاڻي نہ سگهيو.“[15]

حبدار سولنگي، پشپا جي نظمن تي روشني وجهندي لکي ٿو تہ:

”پشپا ولڀ جي نثري نظمن ۾ زندگيءَ سان وابستہ هر موضوع ملي ٿو. هوءَ انهن موضوعن کي پنهنجي تخليقي ڇُهاءَ سان وڏيڪ خوبصورت ۽ اثرائتو بنائي ٿي.“[١٦]

شاعر جا خواب، خيال جو روپ ڌارڻ ڪري تخيل جي پرواز تي ڪڏهن ستارا لتاڙي ويندا آهن، تہ ڪڏهن زمين جي گول دائري ۾ چڪر ڪاٽي، ان ئي جاءِ تي موٽي ايندا آهن جتان سندن سوچ جي سفر پرواز ڪيو هو. پشپا جي بند اکين جي ڏٺل سپنو، جنهن ۾ هن مستقبل جي ماڻهوءَ لاءِ هڪ ڪلپنا ڪئي هئي تہ:

”پنهنجي ايئر ڪنڊيشن ڪار کي روڊ تي هلندو رکڻ لاءِ
نہ معصوم زندگين کي چٿي رکندو.“[١٧]

پر بند اکين ۾ پوريل پشپا جو اهو سپنو اڄ بہ تعبير ماڻي ڪونہ سگهيو ۽ تازو ڪارساز روڊ تي ٿيندڙ حادثو جنهن ۾ عورت ڊرائيور جي غفلت سبب چار ماڻهو پنهنجي زندگي وڃائي ويٺا ان جو ثبوت آهن.

پشپا جو هي نظم پڻ موجوده حالتن ۾ بي حس ماڻهن جي هجوم جي عڪاسي پيش ڪري ٿو تہ:

”منارن جا منهن
ٽڪرايا ٿي آسمانن سان
۽ ڪجھ جهڳيون هيٺ ڪري پيو هيون
جڻ اهي بدقسمت
چندي گڏ ڪرڻ وارن کي نظر نہ آيون
يا تہ انهن جي رهواسين جا آواز
ممبر تي چڙهيل ماڻهن جي آوازن کان گهٽو گهٽ هئا
يا
ڌرتيءَ جي پڪين سرن ۾ رهندڙ سڀ
ٻوڙا ٿي ويا هئا.“[١٨]

تنوير عباسي سندس نظمن بابت بلڪل سچ لکيو آهي تہ، ”هن جي نظمن ۾ پلاٽ، ڪردار، ڪلائمڪس سڀ موجود آهن.“[١٩]

هر شاعر جي شاعريءَ جي فڪر جو وڏو محرڪ عشق هوندو آهي، پوءِ مجازي هجي يا الهامي ۽ ان بابت هر ڪنهن شاعر جو پنهنجو خيال ۽ فڪر هوندو آهي. پشپا جي محبت ڪل ڪائنات آهي. هوءَ 'اڪ نڪتي وچ ڳل مڪدي اي' بداران هن جي محبت جو نقطو پوري ڪائنات جو محور بنجي وڃي ٿو، جنهن جو اظهار هن نظم ۾ هن ريت ڪيو آهي تہ:

”پر مون جڏهن محبت ڪئي
تہ نقطو مَسُ بنجي ويو
۽ مونکي سڄي دنيا سان
محبت ٿي ويئي.“[٢٠]

پر محبت جو بہ ازل کان اهو اصول رهيو آهي تہ هوءَ هڪ هنڌ ٽِڪي ئي ڪانہ. سو پشپا وري ٻي نظم ۾ جڏهن اها عشق جي پٽي اکين تان لهي ٿي وڃي تہ ڪيئن لفظ ان درد جي دانهن بنجي سڏڪڻ لڳن ٿا. هُن انهيءَ ڪيفيت کي هِن طرح بيان ڪيو آهي تہ:

"مون تنهنجو چهرو ڪٿي ڏٺو هو؟

ڇهري پنيان لڪل چهرو ڪٿي ڏٺو

ڇهري پنيان ڍڪيل چهرو تہ ستن پردن ۾ لڪل هو

عشق جي ڪاري پٽيءَ هر شيءِ کي لڪائي رکيو هو."[21]

اياز گل سندس شاعري بابت ويچار وندينديءَ سندس ڪتاب 'گل مهر جي موسم' جي بئڪ ٽائيٽل تي ڇاڻ خوب لکيو آهي تہ: "خبر ناهي تہ پشپا جا هي نثري نظم سپنا آهن. ساهيڙين جي ڪنن ۾ ڪيل سرگوشيون آهن، ٽاندن جهڙيون ٽمڪندڙ جذبا آهن يا ٻن خوبصورت اکين مان ٽمندڙ ڳوڙها؟"[22]

آخر ۾ سوال جي نشاني ڏنل آهي، جنهن جو جواب هو پڙهندڙن کان گهري ٿو.

زندگي ۽ محبت کانپوءِ پشپا جي شاعريءَ جو وڏو موضوع جلاوطني پڻ آهي. آزادي ۽ اُن جا مُهلڪ نتيجا هر سنڌيءَ جي دل ۾ درد جو دونهون دکائي ويا آهن، جنهن جي لهس پشپا جي نظمن ۾ پڻ دکندي ملي ٿي. پنهنجي ئي ديس ۾ جلاوطني ۽ ويڳاڻپ جو اهو احساس پشپا هيئن بيان ڪري ٿي تہ:

"اوچتو الائي ڪٿان گهوڙا آيا

منهنجي بدران

بندوقون راڄ ڪرڻ لڳيون

مون کي جلاوطن ڪيو ويو

قلم جون ترارون پگهيون ويون

سڀ پکي اڏري ويا

فقط طوطا رهجي ويا

۽ پيار ندي سڪي ويئي."[23]

آزاديءَ جي انهيءَ الميئ تي هڪ ٻيو نظم لکي ٿي تہ:

"اڄ ڪلهہ آءٌ جهنگ ۾ رهندي آهيان

پنهنجي ڪٽيا ۾ تنها

منهنجو نالو بڌاءِ ڇا آهي

ماڻهو مون کي آزادي چوندا آهن."[24]

عبدالقيوم صائب سندس انهن نظمن تي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: "ڪيڏي نہ سبق آموز ڪويتا آهي، ڪهڙي نہ سهڻي نموني شاعره جي اندر واري احساس خارجي حقيقتن سان ملي ڪري حق جو آواز بلند ڪيو آهي، هي شاعره نہ رڳو آزادي پسند آهي، پر حقيقت پسند پڻ آهي."[25]

پشپا جي نظمن جا انيڪ موضوع آهن پوءِ اهي سهرا چوڻ واريون شيداڻيون هجن، جن جا چمڪيلا ۽ سوڙها لباس ۽ سندن جسم جي ٿر ٿر ڪري ٽڙڪڻ تہ هرڪنهن کي نظر اچي ٿو، پر ان رقص پويان لڪل درد صرف پشپا کي ئي نظر اچي ٿو، جنهن کي هُن پنهنجي نظم ۾ قلمبند ڪيو آهي. ان کان علاوه نظم پُشو ڪتي آهي، هر اُن نياڻيءَ جو ارمان آهي، جيڪا شاديءَ کان پوءِ پيڪن ڏي اچي ٿي ۽ اهو پُڇي ٿي تہ، ڇا بابا اڄ بہ گهر اچڻ شرط اهو پڇندو آهي، 'پُشو ڪتي آهي'.

پشپا پنهنجن نظمن ۾ ڪڏهن بہ پاڻ کي سماج کان الڳ نہ ٿي سمجهي، پاڻ کي ان جو اٽوٽ حصو سمجهي ٿي، تڏهن ئي پنهنجي هڪ نثري نظم ۾ ان جو اظهار هِن ريت ڪري ٿي تہ:

"مون کي هن جي اک ۾ نہ ڳول
مان تہ هرڪنهن اک ۾ آهيان
مون کي ڪتابن ۾ نہ ڳول
مان ئي توريت
انجيل ڪڏهن گيتا آهيان
مون کي اکرن ۾ نہ ڳول
لفظن جي وچ وارو اکر آهيان."[٢٦]

پشپا جي نثري نظمن جي هن مختصر جائزي مان اهو نتيجو اخذ ٿئي ٿو تہ، هُن جي نثري نظمن ۾ موضوع جي وسعت کان علاوه جذبن ۽ احساسن جي گوناگونيت، خيال جي ڳوڙهائي، تخيل، مشاهدي ۽ فڪر جي گهرائي نظر اچي ٿي.

هُن جا نثري نظم نہ رڳو فڪري ۽ احساساتي طرح روح کي راحت ڏين ٿا، پر ماڻهو کي جنجهوڙن ۽ جاڳائن بہ ٿا. جن ۾ جمالياتي ۽ احساساتي خوبيون جابجا بکندي نظر اچن ٿيون.

## حوالا


١. گرامي، غلام محمد، مولانا، 'مشرقي شاعري فني قدر ۽ رجحانات'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص:٢٢.
٢. ساڳيو، ص: ٤.
٣. پشپا ولڀ، 'گل مهر جي موسم'، ڪونج پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠٢٣ع، ص: ١٩.
٤. پشپا ولڀ، 'بند اکين ۾ خواب'، ماهوار پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠١٠ع، ص: ٣٠.
٥. ساڳيو، ص: ٤٣.
٦ . ساڳيو، ص: ٦٦.
٧. حبدار سولنگي، 'دک جا ننڍا پاڇا' (جديد سنڌي نظري نظم) ترتيب ۽ تجزيو، سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠١٨ع، ص: ٢٠٥.
٨. پشپا ولڀ، 'بند اکين ۾ خواب'، ماهوار پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠١٠ع، ص: ١١.
٩. ساڳيو، ص: ٣٥.
١٠ . پشپا ولڀ، 'گل مهر جي موسم'، ڪونج پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠٢٣ع، ص: ١٦.
١١. ساڳيو، ص: ١١٣.
١٢. ساڳيو، ص: ١٢.
١٣. ساڳيو، ص: ٨٤.
١٤. 'شيخ اياز جي شاعري' : سهيڙ ۽ سنوار: تاج جويو، جون ٢٠١٠ع، ص: ٥١.

١٥. پشپا ولڀ، ’گل مهر جي موسم‘،ڪونج پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠٢٣ع، ص: ٥٥.

١٦. حبدار سولنگي، ’ڏک جا ننڍا پاڇا‘ ( جديد سنڌي نظري نظم) ترتيب ۽ تجزيو، سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠١٨ع، ص: ٣٢.

١٧. پشپا ولڀ، ’بند اکين ۾ خواب‘، ماهوار پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠١٠ع، ص: ٥٦.

١٨. حبدار سولنگي، ’ڏک جا ننڍا پاڇا‘ ( جديد سنڌي نظري نظم) ترتيب ۽ تجزيو، سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠١٨ع، ص: ٢٠٤.

١٩. تنوير عباسي، مهاڳ، ’دريءَ کان ٻاهر‘، ٻهريون ڇاپو، ساهت چتر پبلشرز، حيدرآباد، ص: ٥.

٢٠. پشپا ولڀ، ’بند اکين ۾ خواب‘، ماهوار پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠١٠ع، ص: ١٧.

٢١. پشپا ولڀ، ’گل مهر جي موسم‘، ڪونج پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠٢٣ع، ص: ٢١.

٢٢. پشپا ولڀ، ’گل مهر جي موسم‘، بيڪ ٽائٽل اياز گل، ڪونج پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠٢٣ع، ص: ٢١.

٢٣. پشپا ولڀ، ’دريءَ کان ٻاهر‘، ٻهريون ڇاپو، ساهت چتر پبلشرز، حيدرآباد، ص: ٨٠.

٢٤. ساڳيو، ص:٨٠.

٢٥. ساڳيو، ’دريءَ کان ٻاهر‘ تي اپياس: عبدالقيوم صائب، (ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تان ورتل).

٢٦. پشپا ولڀ، ’گل مهر جي موسم‘، ڪونج پبليڪيشن ڪراچي، ٢٠٢٣ع، ص: ٤١.